# چوُن چوُن راجا

## ڀاڳو ڦهريون

هڪڙو هو ڪوُئو. هُن جو نالو هو- چوُن چوُن چانگ . هڪڙي ڏينهن هيءُ نچندو ڪُڏندو ڪنهن پاسي گهمڻ وڃي رهيو هو ته هِنَ رستي ۾ هِڪُ پئسو لڌو. هوُ ڏاڍو خوش ٿيو. هوُ پئسو ڪٽي سوچڻ لڳوته هِنَ پئسي جو ڇا ونان ؟ ڏنائين منائي،گُل، روٽي ۽ ڪپڙو - اِهي سڀ شيون ته مونکي مُفت ۾ ملنديون آهن. چوُن چوُن چانگ اجان اِهو سوچي ئي رهيوهو ته هڪڙي راجا جي سواري ايندي ڏنائين. رستي جي هِڪ پاسي هوُ راجا جي سواري ڏسڻ لڳو. راجا هِڪَ پالڪيءَ تي وينل هو، پالڪي ڪيترن ئي ماڻهن جي ڪُلهن تي رکيل هُئي . راجا جي مٿي تي مُڪٽ ٻڌل هو ۽ سندس ڪمر ۾ تلوار لٽڪي رهي هُئي. اڳيان ڪُجهه سِپاهي بئنڊ باجا وڄائي رهيا هُئا ته ڪُجهه سِپاهي ڍال تلوار ڪٽي راجا جي پُٺيان اچي رهيا هُئا.
راجا کي ڏسي چوُن چوُن چانگ دِل ۾ خيال ڪيو ته مان ٻه راجا ٿيندس. هِڪَ دُڪاندار وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو، " ڀائي! رام رام!"
دُڪاندار چيو ، "رام رام چوُن چوُن چانگ ، اَڄ ڪئين هِتي آيا آهيو؟"
چوُن چوُن چانگ چيو، "ڀائي مهرباني ڪري مونکي پئسي جون ٽي پايون ڏي."
دُڪاندار چيو، " اَدا پئسي جون ٽي پايون وٺي ڇا ڪندين؟"
چوُن چوُن چانگ چيو،" ڀائي! هِڪ پائي جو راجا جو مُڪٽ ، هِڪ پائي جي تلوار، هِڪ پائي جي پالڪي ٺاٺائي ڪوئن جي ڪُلهن تي رکندس ، ڪوئن جي سينا تيار ڪري راجا چوُن چوُن چانگ ٿيندس."
چوُن چوُن چانگ جي ڳالهه ٻڌي دُڪاندار ڪلي چيو،"اَدا خيال رکجانءِ، راجا ٻڌجي اَسان تي مهرباني ڪجانءِ."
دُڪاندار پئسو وٺي چوُن چوُن چانگ کي ٽي پايون ڪڍي ڏنيون. چوُن چوُن چانگ دُڪاندار کان پايون وٺي هن کي ڏنيواد ڏني .
چوُن چوُن چانگ نچندي ٽپندي سوناري جي دُڪان وٽ آيو،

# چوُن چوُن راجا

ڀاڱو ٻيو

سوناري کي چوڻ لڳو، ” ٻائي سونارا! رام رام!“
سوناري چيو، ” رام رام! چوُن چوُن چانگ جي ٻُڌايو هِتي ڪيئن اَچڻ ٿيو آهي؟“
چوُن چوُن چانگ چيو، ”سونارا مهرباني ڪري مون کي هِڪ پائي جو راجا جهڙوسونو مُڪٽ ناهي ڏي، مان بہ راجا ٿيندس. سوناري چيو، ”چوُن چوُن چانگ هِڪ پائي جو سون جو مُڪٽ ڪونہ ٺهي سگهندو.“
چوُن چوُن چانگ چيو،”اَدا مُونکي خالي ٽي پايون آهن، تون مُونکي هِڪ پائي جو مُڪٽ ناهي ڏئي تہ پوءِ مان هِڪ پائي جي تلوار ۽ هِڪ پائي جي پالڪي وٺندس ۽ پوءِ ڪوئن جي سينا وٺي راجا بڻجندس.“
سوناري چيس،”يچ هِتان نہ تہ ڪائين نہ ڏندا. هِڪ پئسي ۾ تو راجا بڻجي.“ چوُن چوُن چانگ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، چوُن چوُن چانگ چيو ”پائي مُڪٽ ناهي ڏي ، نہ تہ رات جو ٽُنهنجا سڀ ڪپڙا ٽُڪي ويندس.“ اِهو ٻُڌي سونارو ڊڃي ويو. هُن ڪيهہ جو سونو مُڪٽ ناهي چوُن چوُن چانگ کي ڏنو .
چوُن چوُن چانگ سونو مُڪٽ پائي نچندو لوهار جي دُڪان تي آيو ۽ چوڻ لڳو، ” مِيان لوهار سلام واليقوم“ لوهار چيو، “والِيقوم سلام!“ چوُن چوُن چانگ ، توُن مُڪٹُ پائي پورو راجا بڻجي پيو آهين.“ چوُن چوُن چانگ چيو، ” اجان پورو راجا ڪٿي ٿيو آهيان اَدا! تون هِڪ پائي وٺ ۽ مونکي راجا جهڙي هِڪ تلوار ناهي ڏي.“ لوهار هِڪ پائي وٺي ڪيس هِڪ ننڍي تلوار ناهي ڏني.
چوُن چوُن چانگ تلوار لٽڪائي سٽو واڍي جي دُڪان تي آيو، اُتي پهُچي چوُن چوُن چانگ چيو ، ”خالصا جي! واهِگرو جي کي فتح.“ سردار صاحب چيو، ” شري واهِگرو جي کي فتح ، تون مُڪٽ پائي ، تلوار لٽڪائي پورو راجا بڻجي پيو آهين.“

چوُن چوُن چانگ چيو ،” اَدا باقي هِڪ پائي بچي اٿم، مهرباني ڪري ان جي مونکي پالڪي نہ ناهي ڏينم.“ پوئہ تہ پورو راجا بڻجي پوندس چوُن چوُن چانگجي ڳالھ ٻڌي واڍي هڪ ننڍي پالڪي ناهي ڏني هاٿي سيني ڪوئن کي ڪوناٺي چيو ، ”ڀائرو مُونکي راجا بڻائڻ لاءِ ڀڳوان مُونکي اَڄ پئسو ڏنو هو. مُون پئسو خرچي مُڪٽ ، تلوار ۽ پالڪي ورتي آهي. ڀڳوان جو حُڪم آهي تہ توهين گهر مان سوئو ۽ واڻ چورائي ڍالون ناهيو ۽ سِپاهين وانگر باجا

وڃائي مونکي شان سان سواري ڪرڻ لاءِ تيار ڪريو. پوءِ مُونکي راڄ تِلڪ ڏئي سُک سان نند ڪجو.“ ڪوئن چوُن چوُن چانگ جي ڳالهه قبول ڪئي.

پهرين انگريزي نموني سينا سندس اڳيان بئنڊ وڄائيندي هلي، اُن جي پُٺيان راجا چوُن چوُن چانگ جي پالڪي نِڪتي، جنهن پُٺيان پئدل ڪوئن جي پيادي سئنا هُئي. سڀ زور زور سان نعارا لڳائي رهيا هُئا.

”راجا چوُن چوُن چانگ جي جئہ.

راجا چوُن چوُن چانگ جي جئہ. “

ڪوئن جو گوڙ ٻُڌي ٻلي گهر مان ٻاهر آئي ۽ زور زور سان ”ميائو ميائو“ ڪرڻ لڳي، ٻلي جو آوازٻُڌي ڪوئا بِلڪُل ڊڄي ويا، هو پالڪيءَ تلوارون

ڦالون ڦٽيون ڪري اُتي ڀڳا. راجا چوُن چوُن چانگ سامهون جڏهن ٻلي کي ايندو ڏٺو تہ تلوار ، مُڪٽ سڀ ڦٽا ڪري اتي ڀڳو، ڏڪندو ڏڪندو اچي ٻِڙ ۾ پهتو ۽ ٺڏو ساهہ کڻي چوڻ لڳو،

” لک شُڪرانا جان بچي

راجا چوُن چوُن لِڪو اچي.“